SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1981

SINDH ORDINANCE NO. III OF 1981

سنڌ مالياتي (ترميم) آرڊيننس، 1981

THE SIND FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. مغربي پاڪستان ايڪٽ XXXIV مجريہ 1964ع ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964.

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1981
SINDH ORDINANCE NO. III OF 1981
سنڌ مالياتي (ترميم) آرڊيننس، 1981
THE SIND FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[11 فيبروري 1981]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان ناهيو ويندو.

هاڻي ان ڪري 5 جولائي 1977 جي حڪم ۽ 1977 جي حڪم برائي قانون (نفاذ ۽ تسلسل) جي تعميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڈيننس کي نافذ فرمائي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مالياتي (ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو ۽ هن کي پهرين جولائي 1980 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

مغربي پاڪستان ايڪٽ XXXIV مجريہ 1964 ۾ ترميم. Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964.

2. سنڌ مالياتي ايڪٽ 1964 جي ستين شيڊول ۾:

(I) ڪالم 2 جي سيريل 3 ۾ جتي جتي لفظ "SHARE CAPITAL" استعمال ٿيل آهي ان جاءِ تي "PAID UP SHARE CAPITAL" متبادل هوندو.

(II) ڪالم 3 ۾ سيريل نمبر 5 ۽ شق (C) ۾ "Rs. 5,000" جي جاءِ تي "Rs.2, 500" متبادل هوندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.